# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1996

# SINDH ACT NO.III OF 1996

# سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) ايڪٽ، 1995

# THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ACT, 1995

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Ordinance VI of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance VI of 1972

4. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Ordinance VI of 1972

5. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي شيڊول جي ترميم
Amendment of Schedule to Sindh Ordinance VI of 1972

6. 1995 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VIII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.VIII of1995

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1996

# SINDH ACT NO.III OF 1996

# سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) ايڪٽ، 1995

# THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ACT, 1995

[22 جنوري 1996]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

| | |
|---|---|
| تمهيد (Preamble) | جيئن ته سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛ |
| | ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو: |
| مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement | 1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. |
| 1972 جي سنڌ | 2. سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، |

آرڊيننس VI جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Ordinance VI of 1972

1972 ۾ جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو ان جي دفعہ 2 جي شق (U) ۾ لفظن "سکر ۾ بورڊ" لاءِ لفظن "سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ بورڊ" سان متبادل بڻايو ويندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Ordinance VI of 1972

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) شق (b) ۾ آخر ۾ ايندڙ لفظ "۽" کي ختم ڪيو ويندو.

(ii) شق (c) ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ "۽" سان تبديل ڪيو ويندو.

(iii) شق (c) کانپوءِ هيٺين شق (d) شامل ڪئي ويندي:

"(d) لاڙڪاڻي ۾ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ لاڙڪاڻو جي نالي سان بورڊ هوندو.".

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance VI of 1972

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (iii) ۾:

(i) ذيلي شق (c) ۾ آخر ۾ ايندڙ لفظ "۽" کي ختم ڪيو ويندو.

(ii) شق (d) ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ "۽" سان تبديل ڪيو ويندو.

(iii) شق (d) کانپوءِ هيٺين ذيلي شق (e) شامل ڪئي ويندي:

"(e) بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن لاڙڪاڻو ڊائريڪٽر سيڪنڊري ايجوڪيشن ۽ ڪاليجز ايجوڪيشن.".

1972 جي سنڌ

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي شيڊول ۾ لفظ "سکر" جتي بہ اچي

| | |
|---|---|
| لفظن "سکر يا لاڑڪاڻو" سان تبديل ڪيو ويندو. | آرڊيننس VI جي شيڊول جي ترميم<br>Amendment of Schedule to Sindh Ordinance VI of 1972 |
| 6. سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1995 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | 1995 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VIII جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance No.VIII of1995 |
| **نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | |